SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1992
SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1992
زمين طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1992
THE LAND ACQUISITION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1992
(CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement
2. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of Act X of 1894
3. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 20 جي ترميم
Amendment of Section 20 of Act X of 1894
4. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 22-A جي ترميم
Amendment of Section 22-A of Act X of 1894
5. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 31 جي ترميم
Amendment of Section 31 of Act X of 1894
6. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 50 جي ترميم
Amendment of Section 50 of Act X of 1894

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1992
SINDH ORDINANCE NO.IV OF

1992
زمين طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1992
THE LAND ACQUISITION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

تمهيد (Preamble)

[15 جولاءِ 1992]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي زمين طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1992 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of Act X of 1894

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ 1894 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 18 جي ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن ”صوبائي حڪومت“ لاءِ لفظ ۽ ڪامائون ”وفاقي

1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 20 جي

حڪومت، صوبائي حڪومت، ڪمپني يا لوڪل اٿارٽي، جيئن معاملو هجي،” متبادل بڻايا ويندا.	ترميم Amendment of Section 20 of Act X of 1894
3.ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعه 20 جي شق (c) ۾، لفظن ”۽ حڪومت جو ڪاتو“ لاءِ لفظ ۽ ڪاما ”وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت“ متبادل بڻايا ويندا.	1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 22-A جي ترميم Amendment of Section 22-A of Act X of 1894
4.ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعه 22-A ۾، لفظن ۽ ڪاما ”صوبائي حڪومت،“ لاءِ لفظ ”وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت“ متبادل بڻايا ويندا.	1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 31 جي ترميم Amendment of Section 31 of Act X of 1894
5.ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعه 31 جي ذيلي دفعه (1) ۾ لفظن ”صوبائي حڪومت“ جتي به اچن، لفظ ۽ ڪامائون ”وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت، جيئن معاملو هجي“ متبادل بڻايا ويندا.	1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 50 جي ترميم Amendment of Section 50 of Act X of 1894
6.ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعه 50 جي ذيلي دفعه (2) ۾، ڪولن کي فل اسٽاپ سان تبديل ڪيو ويندو ۽ شرطيه بيان کي ختم ڪيو ويندو.	
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	